روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اڱارو 07 نومبر 2023ع بمطابق 22 ربيع الثاني 1445ھ (قيمت 05 رپيا) شمارو 161

اسرائيل جي فلسطينين مٿان جارحيت جاري، هڪ رات دوران اڍائي هزار حملا، وڌيڪ 280 فلسطيني شهيد

اسرائيل غزه تي باهه ۽ بارود جي برسات ڪري ڇڏي اسرائيلي فوج هٿين خالي فلسطينين تي گذريل رات اڍائي هزار حملا ڪري ڇڏيا جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ 280 فلسطيني شهيد ٿي ويا

اسرائيلي وحشياڻي بمباري سبب غزه ڪنڊر بڻجي ويو، اسرائيل غزه شهر جي اتر، اولهه، مغرب ۽ اوير کي نشانو بنائيندي وڏا حملا ڪري رهيو آهي

اسرائيلي فورسز رابطن ۾ رنڊڪ وجهي ظلمن تي پردو وجهڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ۽ انٽرنيٽ سروس معطل ڪري مڪمل بليڪ آئوٽ ڪري ڇڏيو

فلسطين جي مرڪزي اطلاعات اطلاع ڏني آهي ته غزه جي پٽي شاطئي ڪيمپ، زيتون ڪالوني ۽ الرمال محلي تي ٿا ڪلاڪ اڳي اندر 100 کان وڌيڪ پرتشدد اسرائيلي حملا ڪيا ويا

اسرائيل هڪ دفعو ٻيهر اسپتالن جي چوڌاري ۾ بمباري ڪئي حماس اعلان ڪيو آهي ته اسرائيلي چاپين ۾ الشفا اسپتال جي پرپاسي جي علائقن کي ۾ نشانو بنايو ويو

اسان وڌيڪ زخمين جو ٻيهران علاج ڪري رهيا آهيون اسرائيلي فوج طرفان لبنان تي ٻه فضائي حملو ڪيو ويو جنهن سبب 3 ٻار شهيد ٿي ويا، الاقصيٰ شهداءِ اسپتال جي ڊائريڪٽر

غزه (ر م) اسرائيل غزه تي باهه ۽ بارود جي برسات ڪري ڇڏي، اسرائيلي فوج هٿين خالي فلسطينين تي گذريل رات اڍائي هزار حملا ڪري ڇڏيا جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ 280 فلسطيني شهيد ٿي ويا، اسرائيلي وحشياڻي بمباري سبب غزه ڪنڊر بڻجي ويو، اسرائيل غزه شهر جي اتر، اولهه، مغرب ۽ اوير کي نشانو بنائيندي وڏا حملا ڪري رهيو آهي. اسرائيلي فورسز رابطن ۾ رنڊڪ وجهي ظلمن تي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 05

8 فيبروري جو سج بلاول جي فتح جو پيغام کڻي اڀرندو: آصف زرداري

مکاني چونڊن ۾ فتح تي عوام ۽ ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪيون ٿا، مرتضيٰ وهاب ۽ سلمان عبدالله مراد جي ڪاميابي ڪراچي واسين جي مخالفن لاءِ خاص پيغام آهي

سنڌ جي دل ڪراچي ۾ جيئي ڀٽو جا نعرا هڻيون ٿا، پ پ جو هر ڪارڪن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو سفير بڻجي چونڊ مهم شروع ڪري، 8 فيبروري جو سج بلاول ڀٽو زرداري جي فتح جو پيغام کڻي اڀرندو

عوام کي تڪليف جا ٿورا ڏينهن رهجي ويا آهن، پ پ عوام جون ڏکيائون ختم ڪندي، سنڌ ۾ مکاني چونڊن ۾ فتح تي عوام ۽ ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪيون ٿا

اڳوڻي صدر جي گڙهي خدابخش ڀٽو جي اچڻ جو ڪيو ڪمر ڪيو، نئوديرو هائوس ۽ مزار جي چوڌاري داخلي ۽ خارجي رستن کي عام ٽريفڪ لاءِ بند ڪري پوليس اهلڪار مقرر ڪري بند ڪيو ويو

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري نئون ديرو هائوس ۾ قيام دوران ضلعي جي لاڙڪاڻي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن سان ملاقات ڪئي ۽ ان کي موجوده سياسي صورتحال بابت آگاهي ڏني وئي

نئوديرو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جي سربراهه اڳوڻي صدر آصف علي زرداري گڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀري ، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو سميت نصرت ڀٽو ۽ ٻين جي مزارن تي گلن جي چادر چاڙهي فاتح خواني ڪئي، ان موقعي تي اڳوڻي ايم اين اي علي حسن زرداري سميت پيا مهمان پڻ ساڻس گڏ هئا. جڏهن ته اڳوڻي صدر /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 06

گڙهي خدا بخش ڀٽو: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري شهيدن جي مزار تي حاضري ڀريندي

مون سميت پوري قوم کي پنهنجي شهيدن تي فخر آهي: نگران وزيراعظم

اسلام آباد (ر م) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ خيبر ضلعي جي علائقي تيراهه ۾ دهشتگردن سان مقابلي دوران ليفٽيننٽ ڪرنل ۽ 3 فوجي جوانن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيدن جي بهادري کي شهيدن ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: نوازليگ سربراهه نواز شريف سان ملاقات ڪندي

نواز شريف ۽ آصف علي زرداري جي وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو جلد ملاقات جو امڪان

اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جي صدر آصف علي زرداري جي وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو

آصف علي زرداري وطن واپسي تي نواز شريف کي مبارڪ ڏني، سياسي معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

لاهور (ويب) پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ۽ پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز جي صدر آصف علي زرداري جي وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو آهي. آصف علي زرداري وطن واپسي تي نواز شريف کي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 02

عوام هڻ پيري لاهور جو وزيراعظم نه چونڊيندو: بلاول

پيپلز پارٽي سدائين چونڊن لاءِ تيار هئي، اليڪٽورل ڪاليج پورو ڪرڻ تائين صدر عارف علوي عهدي تي رهي سگهي ٿو

صدر خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪندا نواز ليگ کان سوال آهي ته اسان 16 مهينن دوران صدر خلاف قانوني قدم ڇو نه کنيا؟

8 فيبروري تي تيرجي نشان وارو اميدوارن ڪٽي وڃڻا، مخالف پلي گڏجي وڃن، پ پ چيئرمين جون ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته هڻ پيري عوام لاهور جو وزيراعظم نه چونڊيندو ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

مياڻوالي ايئربيس تي حملي ۾ پرڏيهي هٿيار استعمال ٿيڻ جو انڪشاف

مياڻوالي (ر م) مياڻوالي ايئربيس حملي ۾ پرڏيهي هٿيار استعمال ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. ڏينهن مرحو 4 نومبر تي مياڻوالي ۾ پاڪستان /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 08

اسان خدمت ڪئي آهي ۽ عوام پ پ کي ئي ووٽ ڏيندو: شرجيل ميمڻ

ايندڙ چونڊن ۾ پ پ ڪلين سوئيپ ڪندي، اسان جي خلاف ٺهندڙ گٺ جوڙ کي شڪست ٿي

اسان نفرت ۽ شرپسندي جي ڳالهه نه ڪنداسين، اسان چاهيون ٿا ته چونڊن ۾ سڀ حصو وٺن، پريس ڪانفرنس

ڪراچي (ويب) پ پ اڳواڻ شرجيل ميمڻ چيو آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ پ پ ڪلين سوئيپ ڪندي، اسان جي خلاف ٺهندڙ گٺ جوڙ کي شڪست ٿي، بلاول هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو ته اسان نفرت ۽ شرپسندي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 07

پاڪستان ۾ صحت جي عالمي اداري صحت جي شعبي ۾ سهڪار لاءِ مفاهمت جي ياد داشت تي صحيحون ڪري ڇڏيون

اسلام آباد (ر م) پاڪستان ۽ عالمي اداري صحت جي شعبي ۾ سهڪار لاءِ مفاهمت جي ياد داشت تي صحيحون ڪري ڇڏيون، صحيحن واري تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ، ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: پ پ اڳواڻ شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

سي پيڪ منصوبن تي پيشيوارائي انداز ۾ ڪم جاري آهي: مرتضيٰ سولنگي

چائنيز ڪمپنين هيستائين 25 ارب ڊالر جي سيڙپ ڪندي 85 هزار کان وڌيڪ پاڪستانين کي روزگار ڏنو آهي

هن تقريب دنيا جي سامهون چائنيز انٽرپرائيزز پاران پاڪستان ۽ کيل اهم ۽ شاندار ڪم کي اجاگر ڪندي

ٻين ڳالهين ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري تقريب پاران عوامي سڀ منصوبن چائنيز انٽرپرائيزز ڊيلاگ ...

اسلام آباد (ر م) اطلاعات ۽ نشريات جي نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي سي پيڪ منصوبن جي تڪميل جي حوالي سان ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 10

خيبر: دهشتگردن خلاف ڪارروائي دوران ليفٽيننٽ ڪرنل سميت 4 فوجي جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي سخت ڏي وٺ ٿي

خيبر جي وادي تيراهه ۾ دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل سميت چار فوجي جوان شهيد ٿي ويا، 3 دهشتگرد به مارجي ويا

علائقي ۾ باقي دهشتگردن جي خاتمي لاءِ آپريشن جاري آهي، بهادر جوانن جون قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ مستحڪم بنائينديون

راولپنڊي (ر م) خيبر پختونخواهه جي ضلعي خيبر جي وادي تيراهه ۾ دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل سميت 4 فوجي جوان شهيد ٿي ويا، جڏهن ته 3 دهشتگرد به مارجي ويا، آئي ايس پي آر ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 13

آئي ايم ايف مشن سان ڳالهين ڪاميابي ٿيڻ جي قوي اميد آهي: شمشاد اختر

انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ مشن سان ڳالهيون ڪاميابي ٿيڻ جي قوي اميد آهي

سمورن ادارن حڪومت تي عمل در آمد ڪيو ۽ ڪارڪردگي اطمينان بخش آهي

اسلام آباد (ويب) نگران وفاقي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر چيو آهي ته انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ مشن سان ڳالهين ڪاميابي ٿيڻ جي قوي اميد آهي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 12

طاهر پلازا سانحو، اڪين ڏٺن شاهدن ٽارگيٽ ڪلر سعيد پرمر سميت 3 جوابدار سڃاڻي ورتا

سعيد پرمر ۽ ٻين جوابدارن فائرنگ ڪئي ۽ وڪيلن جون آفيسون ساڙيون: اکين ڏٺا شاهد

واقعي جي ڏينهن طاهر پلازا پرسان بيٺو هيس، سعيد پرمر سميت ٻين جوابدارن کي فائرنگ ڪندي ڏٺو

هي اهي ئي جوابدار آهن جن وڪيلن جي آفيس کي باهه ڏني، سعيد پرمر سميت ٻين جوابدارن کي ٻاهر لڳائيندي ڏٺو هو

ڪراچي (ويب) طاهر پلازا کي باهه لڳڻ کيس ۾ اکين ڏٺن شاهدن ٽارگيٽ ڪلر سعيد پرمر سميت ٽن جوابدارن کي سڃاڻي ورتو... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 11

پي آئي اي جو ايئربس 320 قسم جهازن جي انجڻ خريد ڪرڻ جو فيصلو

قومي ايئرلائن پي آئي اي ايئربس 320 قسمن جي جهازن جي انجڻ خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

پي آئي اي فضائي بيڙي ۾ شامل ايئربس 320 قسمن جي جهازن جي انجڻ خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي

پي آئي اي عملدارن مطابق پي آئي اي 320 جهازن لاءِ 6 يا ان کان وڌيڪ انجڻ جي خريداري لاءِ اڳ گهرايل آهن

ڪراچي (رپورٽر) قومي ايئرلائن پي آئي اي ايئربس 320 قسمن جي جهازن جي انجڻ خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، تفصيل موجب پي آئي اي فضائي بيڙي ۾ شامل ايئربس 320 قسمن جي جهازن جي انجڻ ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 15

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي ملاقات

اسلام آباد (ر م) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ملاقات ڪئي... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان نگران وڏو وزير مقبول باقر ملاقات ڪندي

پي آئي اي تي برطانيه ۽ يورپ ۾ لڳل پابندي ختم ٿيڻ جو امڪان

عالمي هوابازي جي تنظيم اڪا سيول ايوي ايشن جو سيفٽي آڊٽ شروع ڪري ڇڏيو آهي

آڊٽ ۾ ڪاميابي کان پوءِ پاڪستان لاءِ برطانيه ۽ يورپ ۾ پروازون بحال ٿي وينديون

ڪراچي (ويب) عالمي هوابازي جي تنظيم اڪا سيول ايوي ايشن جو سيفٽي آڊٽ شروع ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 14

مياڻوالي ايئربيس حملي ۾ آمريڪي هٿيار استعمال ٿيڻ جو انڪشاف

مياڻوالي ايئربيس حملي بابت ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا آهن

حملي ۾ مارجي ويل دهشتگردن کان پرڏيهي هٿيار ملڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

راولپنڊي (ر م) مياڻوالي ايئربيس حملي بابت ڇرڪائيندڙ انڪشاف سامهون اچي ويا آهن ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 16

حالتون ٺڌيون ٿي سڌرنديون، جڏهن ووٽ جي طاقت سان حڪومت مدو پورو ڪندي: رانا ثناءُالله

ڪوئي ملڪ يا گهر نفرت جي بنياد تي قائم نٿو ٿي سگهي، ڪو فرد جيڪڏهن چرين وانگي چوي ته ڪنهن کي نه ڇڏيندس

بلاول زرداري ۾ چيو ته اوهان قدم وڌيو ان شخص ڪوڙا ڪيس ۽ نفرت کان سواءِ ڪو ڪر نه ڪيو

ملڪ ۾ دهشتگردي ۽ لوڊشيڊنگ کي 2017ع تائين اسان ختم ڪيو، اڳوڻو گهرو وفاقي وزير

سرگودا (ر م) اڳوڻي گهرو وزير رانا ثناءُالله چيو آهي ته ملڪ جي حالتون تڏهن ئي سڌرنديون، جڏهن ووٽ جي طاقت سان حڪومت مدو پورو ڪندي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 18

سيني فرقن سان واسطو رکندڙ عالمن گڏيل راءِ سان دهشتگردن کي دين اسلام کان خارج قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (ر م) اسلامي نظرياتي ڪائونسل ۽ اسلامي قدرن کي هٿي ڏيڻ ۽ دهشتگردي خلاف ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: ايران جو سفير نگران وفاقي وزير محمد علي سان ملاقات ڪندي

اسحاق ڊار جنرل (ر) باجوه سان اختلافن جو سبب ٻڌائي ڇڏيو

اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) باجوه سان اختلاف جو سبب فنانشل (ماليياتي خسارو) هو

ڪنهن به حڪومت پنهنجي دور ۾ دفاعي بجيٽ ۾ 550 بلين جو اضافو نه ڪيو

اسلام آباد (ويب) اڳوڻي ناڻي وزير ۽ ن ليگ جي سينيٽر اسحاق ڊار ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 19

اليڪشن ۾ سيني کي حصو وٺڻ جو حق، بليٽ پيپر تي مڙني پارٽين جا نشان هجڻ گهرجن: سعد رفيق

مسلم ليگ ن جي ڪائي پڻ ٽير ناهي، اسان وٽ ڪيترائي اميدوار موجود آهن ڪنهن کي سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي ضرورت پوندي

نواز شريف سرگرميون شروع ڪيون آهن، جلد سياسي پارٽين جي اڳواڻن سان ملاقاتون شروع ڪندو

2018ع ۾ اسان جا هٿ پير ٻڌا ويا پي ٽي آءِ چيئرمين گڏجي سازش ڪئي، اسان انهن جي نتيجن کي نه مڃيو

لاهور (ويب) پاڪستان مسلم ليگ ن جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير خواجه سعد رفيق چيو آهي ته اليڪشن ۾ سيني کي حصو وٺڻ جو حق ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

وڏي وزير جسٽس باقر جي وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان 5 وڏن صوبائي منصوبن تي خيالن جي ڏي وٺ

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر وزيراعظم هائوس اسلام آباد ۾ وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان ملاقات ڪئي

وڏي وزير صوبي جي 5 اهم ترقياتي منصوبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي زور ڏنو ته منصوبن تي ڪارڪن کي ختم ڪيو وڃي

وزيراعظم وڏي وزير کي خاطري ڪرائي ته هو انهن ۽ سڀ جاري ڪرڻ جي عمل ۾ تيزي آڻڻ لاءِ لاڳاپيل وزارت سان ڳالهائيندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر وزيراعظم هائوس اسلام آباد ۾ وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان ملاقات ڪئي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 21

نوازشريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو: مريم اورنگزيب

نوازشريف (ن) ليگ جي سيڪريٽريٽ ۽ 4 سالن کان پوءِ تشريف کڻي آيو

نواز شريف ٻيهر پاڪستان جي عوام جي خدمت ڪندو، پي ايم ايل (ن) ترجمان

لاهور (ر م) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي ته نوازشريف 8 فيبروري تي چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 22

غزه جي پٽي تي اينٽي حملي جي ڌمڪي، او آءِ سي جو اسرائيلي وزير جي نسل پرستي بيان جي مذمت

جده (ر م) اسلامي سهڪار تنظيم (او آءِ سي) اسرائيلي وزير جي غزه جي پٽي تي اينٽي حملي جي ڌمڪي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ٽائونز ۽ يونين کي فوري طور بجيٽ ۽ مالي اختيار ڏيڻ جو حڪم

قائم مقام چيف جسٽس عقيل عباسي پاران مڪاني ادارن کي با اختيار بنائڻ بابت جماعت اسلامي جي درخواست تي ٻڌڻي

لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ موجب ٽائونز ۽ يونين کي فوري مالي اختيار ڏنا وڃن: سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڪهڙين چونڊن ٿي رهيون؟ اهو برابر مڪمل جواب ڇو نه پيش ڪيو ويو؟ يونين جي ملازمن کي تنخواهون ڏيڻ جو عمل به فوري طور مڪمل ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ٽائونز ۽ يونين کي فوري طور بجيٽ ۽ مالي اختيار ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 26

آمريڪا جوهري آبدوز جو اوپر اماڻي ڇڏي، آمريڪي فوج جي سينٽرل ڪمانڊ سينٽ ڪام تصديق ڪري ڇڏي

واشنگٽن (ر م) آمريڪي فوج جي سينٽرل ڪمانڊ سينٽ ڪام تصديق ڪئي آهي ته آمريڪا جوهري آبدوز وچ اوڀر ۾ اماڻي ڇڏي آهي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين صادق سنجراني اجلاس جي صدارت ڪندي

عهدو سنڀالينديءَ ئي تعليم جي معيار تي ڌيان ڏنو آهي: مدد علي سنڌي

قانوني طور سڃاتا ويل هزار افغان شاگردن کي مختلف يونيورسٽين ۾ داخلا ڏني پئي وڃي

ماضي ۾ هر ڏيندڙ ادارن جي ڪارڪردگي نظر نه آئي، تعليم وارو وفاقي وزير

حيدرآباد (رپورٽر) تعليم واري وفاقي وزير مدد علي سنڌي چيو آهي ته عهدو سنڀالينديءَ ئي تعليم جي معيار تي ڌيان ڏنو آهي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 28

گڏيل قومن سميت 18 عالمي تنظيمن پاران فلسطين ۾ فوري جنگبندي جو مطالبو

ڪٿو ئي ٿيو هاڻي ان کي هر صورت ۾ روڪڻ گهرجي: انٽر ايجنسي اسٽينڊنگ ڪميٽي طرفان جاري ڪيل پڌرائي

غزه ۾ اسرائيلي طرفان عام شهرين جو قتل سفاڪيت آهي، اسرائيلي حملي جي نتيجي ۾ 2.2 ملين فلسطيني ڦاٿل آهن

گهرن، پناهه گاهن، عبادت گاهن ۽ اسپتالن تي بمباري ڪئي پئي وڃي جيڪا ناقابل قبول آهي

ڪراچي (رپورٽر) گڏيل قومن سميت 18 عالمي تنظيمن فلسطين ۾ فوري جنگبندي جو مطالبو ڪيو آهي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25

ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن ملڪي ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي اگهه ۾ سون رپيا لاٿ

ڪراچي (رپورٽر) ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن ملڪي ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي اگهه ۾ لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي سان سعودي وفد ملاقات ڪندي

ڪنزرويٽو پارٽي سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس دانش چنڊ جي صدارت هيٺ منعقد

سنڌ، بلوچستان، پنجاب، ڪي پي ڪي جي مرڪزي ۽ صوبائي اڳواڻن شرڪت ڪئي

8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ ڪراچي کان خيبر تائين اميدوار بيهارينداسين، دانش چنڊ

اجلاس ۾ راحيل ڊومڪي، نايات خان، تاج بروهي سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان ڪنزرويٽو پارٽي سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس دانش چنڊ جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ ٿيو ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: پاڪستان ڪنزرويٽو پارٽي سينٽرل ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت چيئرمين دانش چنڊ

نيشنل فنانس ڪميشن ايوارڊ (اين ايف سي) تحت وفاق کان صوبن کي فنڊز جي فراهمي ۾ جاري

وفاق کان صوبن کي فنڊز جي فراهمي ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي ٻن مهينن ۾ ساليانو بنيادن تي 23.61 سيڪڙو جي واڌ ٿي آهي

جولاءِ کان سيپٽمبر 2023ع دوران اين ايف سي تحت وفاق کان صوبن کي 10 کرب 88 ارب 20 ڪروڙ کان وڌيڪ فنڊ فراهم ڪيا ويا

پهرين ٽن مهينن ۾ اين ايف سي تحت پنجاب کي 5 کرب 25 ارب 88 ڪروڙ 60 لک رپين جا فنڊز فراهم ڪيا ويا

اسلام آباد (ويب) نيشنل فنانس ڪميشن ايوارڊ (اين ايف سي) تحت وفاق کان صوبن کي فنڊز جي فراهمي ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي ٻن مهينن ۾ ساليانو بنيادن تي 23.61 سيڪڙو جي واڌ ٿي آهي ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 32

عمران خان کي پٽن سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه نه ڪرائڻ تي ايس پي اڏيالا جيل کي نوٽيس جاري

پي ٽي آءِ چيئرمين جي پٽن سان ڳالهه ٻولهه نه ڪرائڻ تي سپرنٽينڊنٽ اڏيالا جيل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل ڳالهه ٻولهه نه ڪرائڻ تي عدالت ۾ توهين عدالت جي درخواست داخل ڪئي

جيل اختيارين کي پي ٽي آءِ چيئرمين جي پٽن سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪرائڻ واري حڪم تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

اسلام آباد (ويب) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي خصوصي عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جي پٽن سان فون تي ڳالهه ٻولهه نه ڪرائڻ تي اڏيالا جيل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ... /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 29

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ نم وارا ڪوسا جي رهواسين پاران احتجاج، نعريبازي

پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن، ايس ٽي پي اڳواڻ اسد چانڊيو شهيد پٽ جو اڳواڻ وسيم ڏنگراج ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر چون ٿا زمين اسان کي ڏيو نہ ڏيڻ تان مون مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ٽارچر ڪري رهيا آهن : مظاهرين

مون مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي، هنن ماڻهن منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ نم وارا ڪوسا جا رهواسي نوجوان شاگرد نويد ڪوسو بااثرن جي ظلم خلاف نيشنل پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري جي اڳوائي پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن، ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: ڳوٺ نم وارا ڪوسا جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر جي شاليمار روڊ جي رهواسي سيد راشد شاهه پاران احتجاج، انصاف جي گهر

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي شاليمار روڊ جي رهواسي سيد راشد شاهه سکر پريس ڪلب آڏو پنهنجي گهر ڀاتي زال شهنازخاتون جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪندي چيو آهي تہ ڪالهہ منهنجي گهر واري شهناز خاتون جنهن جو دماغي توازن ٺيڪ نہ آهي، گهر مان ٻاهر وئي هئي، جنهن ڪانپوءِ سندس ڪوبہ ڏس پتو ناهي پئجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز ۾ سيد اسماعيل شاهه جي ساليانی عرس مبارڪ جي تقريب

اسان کي گهرجي تہ پنهنجي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ڏسيل واٽ تي هلون : اڳواڻ

درود صلواتون پڙهو، اجايو ڪمن ۾ پنهنجو وقت نہ گذاريو، پنهنجي اولاد کي تعليم پڙهايو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) سيد اسماعيل شاهه جي ساليانی عرس مبارڪ جي تقريب وڏي جوش جذبي سان زير نگراني سماجي صوفياڻي ۽ روحاني جماعت انجمن غلامان قلندر ويلفيئر ۽ عادل اليڪٽرڪ جي ٿي گڏري عرس مبارڪ جي صدارت بابا سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري صاحب جن ڪئي جنهن سيد اسماعيل شاهه جي مزار تي چادر چاڙهي عرس جو افتتاح ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بجلي ۽ گيس جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو ڪو موثر حل ڪڍيو وڃي : اصلاح الدين شيخ

حڪومتن جي ناقص ڪارڪردگي سبب بجلي، گيس ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي بدران بي حساب اضافو ڪري غريب عوام جو قتل عام ڪيو ويو آهي

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سياسي پارٽين جي نااهلي ۽ نااهل حڪومتن جي نااهلي پاڪستان کي ان حالت تي پهچايو آهي تہ اسان عالمي ادارن جا غلام بڻجي ويا آهيون

قرضن جي دلدل مان نڪرڻو پوندو تہ پوءِ ڪرپٽ بيوروڪريٽس، سياستدانن ۽ آفيسرن جو احتساب ڪيو پوندو ۽ سمورين ملڪيتون قومي تحويل ۾ وٺي نيلام ڪيون وڃن

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن سکر جي صدر ۽ سماجي اڳواڻ اصلاح الدين شيخ چيو آهي تہ گڏيل حڪومت جي ناقص ڪارڪردگي سبب بجلي، گيس ۽ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي بدران بي حساب اضافو ڪري غريب عوام جو قتل عام ڪيو ويو آهي انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ايس ايس پي قمررضا جسڪاڻي جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيزي سان جاري آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر: جناح ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر اصلاح الدين شيخ ۽ ٻيا گڏ بيٺل آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي انتظاميہ افغانين جي علائقي جي اندر موجودگي جو نوٽيس وٺي نہ سگهي

افغانين کي نيڪالي لاءِ سندن موجودگي بابت ڪا بہ حتمي لسٽ نہ جوڙي وئي ۽ نہ وري سندن نشاندهي ڪئي وئي

افغاني شهري علائقن ۾ پنهنجا آستان ناهي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ڪاروبار ڪرڻ ۾ مصروف آهن : رهواسي

نادرا جي تصديق ڪانپوءِ شڪ جي بنياد تي ٺاهيل لسٽ تحت ڪارروائي شروع ڪئي ويندي : ايس ايس پي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي انتظاميہ افغانين جي علائقي جي اندر موجودگي جو نوٽيس وٺي نہ سگهي، افغانين جي نيڪالي ۾ رڪاوٽون پيدا ٿيل، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي انتظاميہ رهائش پذير افغانين جي نيڪالي لاءِ ڪي بہ جرڳا اپاءَ اڃان تائين وٺي نہ سگهي آهي، افغانين کي نيڪالي لاءِ سندن موجودگي بابت ڪا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊوالهيار جي مارڪيٽ ڪميٽي ۾ ڏهن مهينن کان ايڊمنسٽريٽر مقرر نہ ٿيو

مارڪيٽ ڪميٽي جي ملازمن پاران پنجن مهينن کان پگهارون نہ ٿيڻ تي احتجاج ڪيو

ملازمن اشفاق لاشاري. اڪرم لغاري. خالد لاشاري. داد خان. اسامہ ۽ ٻين ميڊيا آڏو مظاهرو ڪيو

فاقاڪشي تي مجبور ٿي ويا آهيون هن مهانگائي جي دور ۾ ٻن ويلن جي ماني لاءِ بہ پريشان آهيون: اڳواڻ

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي مارڪيٽ ڪميٽي ۾ ڏهن مهينن کان ايڊمنسٽريٽر مقرر نہ ٿيو. مارڪيٽ ڪميٽي جا ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا ٽنڊوالهيار جي مارڪيٽ ڪميٽي جي ملازمن پاران پنجن مهينن کان پگهارون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

موهن جو دڙو جي ايراضي کي بائونڊري وال ڏيڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ طرفان حڪم باوجود اڳيرائي نہ ٿي

ڏوڪري (رپورٽر) سنڌ جي قديم ماڳ موهن جو دڙو جي ايراضي کي بائونڊري وال ڏيڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ طرفان ڏنل حڪم کي سال گذرڻ باوجود آرڪيالاجي کاتي ماڳ کي رنگ پٽ ڏيڻ جي اسڪيم تيار نہ ڪئي. کاتي طرفان هاءِ ڪورٽ جي حڪم کي سال گذري ويو پر رٿا تي ڪم شروع نہ ٿيو ۽ آرڪيالاجي کاتي جي عملدارن اهڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊوالهيار: مارڪيٽ ڪميٽي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ پ پ سپاف ڪارڪنن پاران پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي ايس ڊي او خلاف احتجاج

سينئر اڳواڻن عمران شيخ، حسن لانگاهه، مظهر شاهاڻي، علي احمد گاد ۽ منور مغيري احتجاجي ريلي ڪڍي

پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي ايس ڊي او غلام محمد قريشي ڪرپشن جي انتها ڪري ڇڏي آهي: مظاهرين

غلام محمد قريشي جي ڪيل ڪرپشن جي جاچ ڪرائي سندس خلاف ڪاروائي ڪري شهرين سان انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سپاف ضلعي لاڙڪاڻي جي سينئر اڳواڻن عمران شيخ، حسن لانگاهه، مظهر شاهاڻي، علي احمد گاد ۽ منور مغيري پارٽي سيڪريٽري ڪينيڊي مارڪيٽ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي ايس ڊي او غلام محمد قريشي ڪرپشن جي انتها ڪري ڇڏي آهي، جڏهن تہ هو شهر جا روڊ، رستا ۽ گهٽيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ نم وارا ڪوسا جي رهواسي نوجوان شاگرد پاران احتجاجي مظاهرو

نوجوان شاگرد نويد ڪوسو بااثرن جي ظلم خلاف نيشنل پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

اصغر ڪوسو اڪبر ڪوسو رياض ڪوسو ۽ ان جا پائرچون ٿا زمين اسان کي ڏيو، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ڪيس ختم ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي هنن ماڻهن منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز(رپورٽر) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ نم وارا ڪوسا جا رهواسي نوجوان شاگرد نويد ڪوسو بااثرن جي ظلم خلاف نيشنل پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳوائي پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن ايس ٽي پي اڳواڻ اسد چانڊيو شهيد پٽ جو اڳواڻ وسيم ڏنگراج ڪري رهيا هئا ان موقعي تي ميڊيا سان نويد ٻڌايو تہ سال اڳ اسان محبت ڪوسو کان زمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نظام جي پي حيدرآباد کي بهترين صحافتي خدمتون سرانجام ڏيڻ تي اعزازي ايوارڊ فراهم

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي بي خوف ۽ بهادر صحافي جي ضرورت نظام جي پي هر فورم تي خدمت کي اوليت ڏني سفيان علي صديقي حيدرآباد جي سماجي ڪارڪنن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ جماعت صديقي پاڪستان جي ميمبر سفيان علي صديقي حيدرآباد جي مشهور ۽ معروف نشاط دلبهار لسي جي مالڪ محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهروفيروز: ڳوٺ نم وارا ڪوسا جا رهواسي نوجوان شاگرد احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

شهري ايڪشن ڪاميٽي ميرپورماٿيلو پاران وڌندڙ بدامني ۽ منشيات خلاف احتجاجي مظاهرو

بدامني ۽ منشيات جي سرعام وڪري خلاف ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاج ڪيو ويو

منشيات سرعام هلي رهي آهي ۽ منشيات واپرائيندڙن جا لاش ملڻ بہ معمول بڻجي چڪو آهي:مظاهرين

بدامني تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ شهر ۾ سرعام هلندڙ منشيات تي ڪنٽرول ڪري امن امان بحال ڪيو وڃي

گهوٽڪي(رپورٽر) ميرپورماٿيلو: شهري ايڪشن ڪاميٽي ميرپورماٿيلو پاران وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي سرعام وڪري خلاف ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاج، ميرپورماٿيلو ۽ آس پاس جي علائقن ۾ چوريون، ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن ۽ منشيات سرعام هلي رهي آهي ۽ منشيات واپرائيندڙن جا لاش ملڻ بہ معمول بڻجي چڪو آهي. اڳواڻن تفصيل موجب شهري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪلوئي پرسان 7 ٻارن جي ماءُ جو قاهو ڪاڌل لاش هٿ

عورت جو انب جي وڻ ۾ قاهو ڪاڌل لاش ڏسي ڳوٺاڻن پوليس کي اطلاع ڪيو

عورت ست ٻارڙن جي ماءُ هئي، خودڪشي جو ڪارڻ هن مهل تائين معلوم نہ ٿي سگهيو

ڪلوئي(ن سنڌيار) ڪلوئي ٿاڻي جي حد ستون ميل پرسان ڳوٺ حاجي صديق دل ۾ 50 سالہ سهمت زال لونگ ٻيل جو انب جي وڻ ۾ قاهو ڪاڌل لاش ڏسي ڳوٺاڻن ڪلوئي پوليس کي اطلاع ڪيو ڪلوئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪنڊڪوٽ پرسان عيدميلاد النبوي صہ جي سلسلي ۾ تقريب

جي ڳوٺ زور ڳڙهه ۾ ٻارهين ربيع الاول جي حوالي سان نعت خوانن ۽ علمائن پاران شرڪت ڪئي وئي

اسرائيل فلسطينن سان ظلم ڪري رهيو آهي ۽ بيگناهه ماڻهو شهيد ڪري رهيو آهي : عالم

ڪنڊڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ پرسان عيدميلاد النبوي صہ جي نصيت سان نعت خان ۽ سنڌجي عالمن وڏي اڳ ۾ شرڪت، خبرموجب ڪنڊڪوٽ لڳ پريس ڪلب جي اڳوڻي ۽ مرحوم مصري خان سهريائي جي ڳوٺ زورڳڙهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪنڊڪوٽ: عيدميلاد النبوي صہ جي سلسلي منعقد تقريب جو ڏيک

سکر ۾ ينگ ڊاڪٽرن پاران پگهارون ۽ ٻيون مراعتون نہ ملڻ خلاف احتجاج

خلاف او پي ڊي جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ اسپتال جي مين گيٽ آڏو ڌرڻو

ڪيترن ئي مهينن کان پگهارون نہ مليون آهن، اسان جا سمورا مطالبا جائز آهن، واهر ڪئي وڃي : مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سردار غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج (سول اسپتال) جي ينگ ڊاڪٽرن پاران پگهارون ۽ ٻيون مراعتون نہ ملڻ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي ۾ امير البحر ضلعي جو اجلاس منعقد

21 نومبر تي سجاول شهر ۾ ملاحن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو : اڳواڻ

سڄي سنڌ ۾ امير البحر هڪ تنظيم طور ڪم ڪري رهي آهي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ امير البحر ضلعي جو اجلاس [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان پوليس جون ڪامياب ڪارروايون

ايس ايڇ او منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري ٻار ڌاري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوي

پوليس 15 ليٽر تيار تيل ڪچو شراب هٿ ڪري ٻي مسمار ڪري ڇڏي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ايس ايس پي [illegible] خان پوليس جون ڪامياب ڪارروايون [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظرايندي

دنيا ۾ اڄ بہ انسانيت سان پيار ڪندڙ ماڻهو رهن ٿا : ارشد عباسي

پورهيت الله ڏني پٽي ويل سائيڪل جي ڏيارڻ جي اپيل واري پوسٽ رکي هئي

وس وارن کي اپيل ڪن ٿا تہ خير جي ڪم ۾ پنهنجو حصو وجهن

ڪراچي(رپورٽر) خادمين سنڌ فائونڊيشن جي چيئرمين ارشد عباسي چيو آهي تہ هن دنيا ۾ اڄ بہ انسانيت سان پيار ڪندڙ ماڻهو رهن ٿا جيڪي ٻين جي درد کي پنهنجو درد سمجهن ٿا پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ارشد عباسي جو چوڻ هو تہ ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر جي علائقي بشير آباد ملٽري روڊ جي رهواسي پاران احتجاج

پاءُ محمد حنيف، روشن علي، اعجاز، قربان حسن ملڪيت تي قبضو ڪيو آهي : منير قلپوٽو

شڪايتن تي منهنجا پائر سخت ڪاوڙيل آهن ۽ مون کي ۽ منهنجي ٻارن کي مارڻ چاهين ٿا

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي بشير آباد ملٽري روڊ جي رهواسي منير احمد قلپوٽو پنهنجي معصوم نياڻين سميت پائرن پاران ملڪيتن تي قبضي ۽ زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو تہ سندس پاءُ محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر: بشير آباد جو رهواسي منير احمد قلپوٽو ملڪيت تي قبضي خلاف احتجاج ڪندي

بدين : صوبائي جوائنٽ اليڪشن ڪمشنر ڏينهن جي دوري تي پهتو

آزاد ۽ غير جانبدار اليڪشن ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جي پهرين ترجيح آهي : علي اصغر سيال

اليڪشن ڪميشن پاران ووٽر کي سهولت ڏيڻ لاءِ سمورين ڪوششون ورتيون وينديون

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صوبائي جوائنٽ اليڪشن ڪمشنر سنڌ علي اصغر سيال جنرل اليڪشن جي تياري جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ ڏينهن جي دوري تي بدين پهتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ضلعي ۾ مسلمان، هندو، عيسائي ۽ ٻيا گڏ امن سان رهن ٿا : ڊي سي بدين

تقريب دوران ڊپٽي ڪمشنر عبدالفتاح هليو پاران آيل مهمانن کي شيلڊون ڏنيون ويون

اسٽيڊي ٽوئر تي آيل سمورن مهمانن ڊپٽي ڪمشنر جو شڪريو ادا ڪيو ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو نيشنل انسٽيٽيوٽ آف مينيجمينٽ ڪراچي کان ايندڙ 38 هين مڊ ڪيريئر مينيجمينٽ ڪورس(ايم سي ايم سي) جيڪو پنهنجي معلوماتي دوري تي هڪ ڏينهن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

چونڊن لاءِ مقرر ڪيل تاريخ ۾ هاڻي ڪا بہ ردوبدل ٿي نہ سگهندي : سيد نويد قمر

اليڪشن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت واري اقتدام کي روڪي شفاف چونڊ مرحلي کي يقيني بڻايو وڃي

عام چونڊن ڪرائڻ ۾ پيپلز پارٽي اڳ ئي سڀ کان وڌيڪ سرگرم قومي پارٽي رهي آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) اڳوڻي وفاقي وزير سيد نويد قمر چيو آهي تہ اليڪشن ۾ اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت واري اقتدام کي روڪي شفاف چونڊ مرحلي کي يقيني بڻايو وڃي. اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان: اڳوڻو وفاقي وزير نويد قمر پ پ اڳواڻ سان والد جي وفات تي تعزيت ڪندي

ڪراچي : سهراب ٽاؤن يوسي 8 ڳوٺ يوسف خان محلا گلشن بلوچ ۾ بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل

ڳوٺاڻن پاران يوسي چيئرمين لالا رحيم پٺاڻ خلاف اڄ ٻي ڏينهن بہ احتجاجي مظاهرو ڪري ڇتي نعريبازي ڪئي وئي

اسان جي ڳوٺ جي حالت اها آهي تہ نہ روڊ آهي نہ رستو آهي، نہ ڊرينج سسٽم نہ سيوريج سسٽم سڀ تباهه ٿيل آهي : اڳواڻ

چونڊيل نمائندن اسان جي ڳوٺ کي بنيادي مسئلن جي حوالي سان سنجيدا نہ ٿا ٿين يوسي چيئرمين لالا رحيم پٺاڻ نااهل آهي

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر پهنور) سهراب ٽاؤن يوسي 8 ڳوٺ يوسف خان محلا گلشن بلوچ ۾ بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل چونڊيل نمائندن توڙي سياسي ماڻهن ڳوٺ جا بنيادي مسئلا حل ڪري نہ سگهيا، ڳوٺاڻن پاران يوسي چيئرمين لالا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز : ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين پير قربان علي جي استعيفيٰ بعد چارج اڃا تائين ڪنهن کي بہ نہ ملي سگهي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز : ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين پير قربان علي پاران استعيفي بعد ميونسپل جي چارج اڃا تائين ڪنهن کي بہ نہ ملي سگهي آهي. چارج نہ ملڻ سبب ميونسپل ڪميٽي جو وهنوار ٺپ ٿي ويو آهي. ميونسپل ملازمن کي ٻن مهينن کان پگهار نہ ملي سگهي آهي. پگهار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي: انتظامي بي ڌياني سبب علائقي ۾ پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

شڪارپور شهر اندر ڪتا مار مهم جو سلسلو جاري

25 کان وڌيڪ رولو چتن ڪتن کي زهر ڏئي مارايو ويو آهي : اڳواڻ

ٿڌ جي موسم ۾ ڪتا چتا چريا ٿيندا آهن جيڪي انسانن لاءِ نقصانڪار بڻجندا آهن

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور فياض محمود شيخ سي اير او عابد لطيف راڄپور وائيس چيئرمين وسيم الدين صديقي جي هدايتن تي شهر اندر ڪتا مار مهم جو سلسلو جاري آهي، ان سلسلي ۾ سينيٽيشن عملي زڪريہ خان، ڪاشف چانگ ۽ ٻئي عملي پاران شهر جي مختلف جن ۾ سرڪيولر روڊ، واڳنو گيٽ، لکيدر، ٿاروپور، صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف احتجاج جاري

زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ظلمن خلاف پٽي برادري جي ماڻهن يارهين ڏينهن بہ احتجاج ڪيو

بااثر اختر پٽي سندن 80 ايڪڙ سروي زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي، ڪير بہ واهر ڪرڻ وارو ناهي : مظاهرين

اسان جا ڪيترائي پاتي روپوشي واري زندگي گذاري رهيا آهن، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس جي ظلمن خلاف پٽي برادري جي ماڻهن يارهين ڏينهن بہ احتجاج ڪيو، شخصيتن جي شرڪت، تفصيل موجب مانجهند [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ماتلي جي ڳوٺ ٻچل ماڇي جي رهواسن پاران اڳوڻي مزِس جي ظلمن خلاف احتجاج، نوٽيس جي گهر

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ماتلي جي ڳوٺ ٻچل ماڇي جي رهواسن [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

مانجهند: زمين تي مبينا قبضي ۽ پوليس ظلم خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڏڙو ۾ 10 سالن کان لاڙپور هاءِ اسڪول جي بلڊنگ تعمير نہ ٿيڻ خلاف پيادل لانگ مارچ، ڌرڻو

لاڙپور هاءِ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن 10 سالن کان اسڪول جي زبون بلڊنگ تعمير نہ ٿيڻ خلاف 5 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪيو

سجاول ضلعي جي انتظاميا ۽ تعليم کاتي جي نااهلي سبب هاءِ اسڪول لاڙپور جي بلڊنگ ڏهن سالن کان رولڙي جو شڪار آهي : اڳواڻ

ٺيڪيدار رقمون کڻي فرار ٿي ويو آهي، جڏهن شاگرد متبادل طور ٻي بلڊنگ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ سوين شاگردن ۽ استادن جو 10 سالن کان لاڙپور هائي اسڪول جي بلڊنگ تعمير نہ ٿيڻ خلاف لاڙپور کان ڏڙو تائين 5 ڪلوميٽر پيادل لانگ مارچ، ڌرڻو ٻن ڪلاڪن تائين ڏڙو، حيدرآباد، ٺٽو ڪراچي روڊ بلاڪ. نعرا، مين نيشنل هاءِ وي بند ڪرڻ ڪرڻ جو اعلان. تفصيل موجب ڏڙو ۾ لاڙپور هاءِ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن طرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين جي گرلس اسڪول ون ۾ مقرر ماستريائڻ پورهيت جي معصوم ٻارڙن کي بہ بخش نہ ڪيو

روزانو ملندڙ خرچي کسي وٺڻ جي شڪايت ڪرڻ تي پورهيت جي ٻارڙن کي ماستريائڻين اسڪول مان ئي ڪڍي ڇڏيو

پورهيت پاران انصاف لاءِ پنهنجي ٻارڙن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو، انصاف جي گهر

معصوم ٻارڙن کي بيگناهه اسڪول مان ڪڍندڙ ماستريائڻين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : پورهيت

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي گرلس اسڪول ون جي ڪئمپس ۾ مقرر ماستريائڻين پورهيت جي معصوم ٻارڙن کي بہ بخش نہ ڪيو روزانو ملندڙ خرچي کسي وٺڻ جي شڪايت ڪرڻ تي پورهيت جي ٻارڙن کي ماستريائڻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ۽ ڊائريڪٽر انفارميشن جي هدايتن تي ويجيلنس ڪاميٽي جا ڇاپا

خيرپور (رپورٽر) سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ۽ ڊائريڪٽر انفارميشن جهانگير خان ابڙو جي هدايت تحت ڊسٽرڪٽ ويجيلنس ڪاميٽي جي ڪنوينر ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه ڪاميٽي جي ميمبر انفارميشن آفيسر امان الله چنہ کي ساڻ ڪري تعلقہ خيرپور، ڪنگري ۽ گمبٽ جي مختلف اخبارن جي اسٽالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين: هيڊ مسٽريز جي زيادتين خلاف ٻارڙا والد سان گڏ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر : سنڌ جي سوين سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ لکين شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين پاران درسي ڪتاب فراهم نہ ڪيا ويا، تعليم کاتو بہ خاموش

ڪورس جا ڪتاب نہ ملڻ سبب سندن والدين وڌيڪ پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهيون : والدين

ڪيترائي مهينا گذري ويا آهن پر اسان جي ٻارن کي اڃا تائين ڪتاب نہ مليا آهن

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت، تعليم کاتي ۽ چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي لاپرواهي سبب سنڌ جي سوين سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ لکين شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل آهي، جڏهن تہ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين پاران درسي ڪتاب فراهم نہ ڪيا ويا آهن. گورنمينٽ پاران مفت ۾ درسي ڪتاب نہ ملڻ باوجود شاگرد اسڪول وڃي رهيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

چونڊون صاف، شفاف، غير جانبدارانہ ۽ پرامن ڪرائڻ حڪومت جي اولين ذميواري آهي : ڊي سي ٺٽو

پولنگ اسٽيشنن جي عمارتن جي مرمت سميت پاڻي، بجلي، بائونڊري وال، باٿروم، فرنيچر ۽ معذور ماڻهن لاءِ ريمپ جي سهولتن کي جلد کان جلد يقيني بڻايو وڃي

اليڪشن ڪميشن ۽ حڪومت پاڪستان جي ڪوشش آهي تہ هر شهري پنهنجي ووٽ جو بنيادي حق استعمال ڪري سگهي ۽ پولنگ عملي کي بہ مشڪلاتن کان بچائي سگهجي

ضلعي انتظاميہ سمورا وسيلا ڪتب ۾ آڻيندي تمام انتظام مڪمل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري، سهولتن کي جلد کان جلد يقيني بڻايو وڃي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) صوبائي جوائنٽ اليڪشن ڪمشنر سنڌ علي اصغر سيال ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اسد علي خان ۽ ضلعي اليڪشن ڪمشنر محمد عمران آرائين سميت مختلف لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي آهي تہ ايندڙ چونڊن کان اڳ سمورين پولنگ اسٽيشنن جي عمارتن جي مرمت سميت پاڻي، بجلي، بائونڊري وال، باٿروم، فرنيچر ۽ معذور ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دولت پور صفن پرسان عاقلاڻي موڙ وٽ سامهون ايندڙ تيز رفتار موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر

دولت پور صفن (رپورٽر) افسوس ناڪ حادثو دولت پور واسي سيد اويس شاهه جيلاني ۽ طارق عمراڻي موٽرسائيڪل تي سوار عاقلاڻي موڙ وٽ سامهون ايندڙ تيز رفتار موٽر سائيڪل جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر لڳڻ شديد زخمي ٿي پيا جن مان ٽن ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي زخمي چار نوجوانن کي دولت پور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽو: صوبائي جوائنٽ اليڪشن ڪمشنر علي اصغر سيال پولنگ اسٽيشنز جو دورو ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ ڊي آءِ جي ناصر آفتاب چارج سنڀالي ورتي، عملدارن پاران شاندار آجيان، تعارفي گڏجاڻي

ناصر آفتاب کي ڊي آءِ جي آفيس لاڙڪاڻو پهچڻ تي پوليس جي چاق وچوبند دستي سان سلامي ڏني وئي

ڪنهن کي بہ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي سيني کي گڏ وٺي هلندس، عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن: ناصر آفتاب

ڪنهن بہ پوليس آفيسر يا اهلڪار جي پگهار نہ روڪي وڃي ۽ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ آئون آرڊرلي روم منعقد ڪندس

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو رينج جي چارج سنڀالي ورتي. ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جي ڊي آءِ جي آفيس لاڙڪاڻو پهچڻ تي پوليس جي چاق و چوبند دستي سان سلامي ڏني وئي. ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو صاحب سيني برانچز جي سربراهن سان ملاقات ڪئي جنهن بعد برانچز جي سربراهن پنهنجو تعارف ڪرايو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو صاحب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 07 نومبر 2023ع

ماضي وسارڻ ۽ درگذر جا پاڇا

اسان جو الميو اهو آهي ته هتي جن فيصلن جي ڪري ملڪ کي نقصان پهتو، تباهي جي انهن ذميوارن کان ڪڏهن به پڇاڻو ناهي ٿيو. اهوئي سبب آهي جو هر غير قانوني عمل انهن کي ڦهندو رهيو آهي. انهن جو ڪوبه احتساب نتو ٿئي. جڏهن احتساب جا ڪي امڪان پيدا ٿين ٿا ته هن ملڪ جي سياستدانن جي صفن مان آواز اٿڻ شروع ٿي وڃن ٿا ته "مٽي پائو". جنهن جو مطلب آهي ته درگذر ڪري ڇڏيو. هتي ڪنهن چونڊيل وزير اعظم جو تختو اونڌو ڪري ان کي جيل ۾ واڙيو وڃي ٿو يا وري ملڪ مان تڙڻ لاءِ جهاز جي سيٽن سان ٻڌي ٻاهر موڪليو وڃي ٿو ته ايترو سڀ ڪجهه ٿيڻ جي باوجود به جڏهن ووٽ کي عزت ڏيڻ جي بيانئي کي عزت ڏيڻ جا موقعا ميسر ٿين ٿا ته اقتدار جي آسري ۾ ان بيانئي تان هٿ کڻي فيصلو الله تي ڇڏڻ وارو بيانيو اختيار ڪيو وڃي ٿو. هن وقت جڏهن عدالت عظميٰ به اهو سوال اٿاريو آهي ته فيض آباد ڌرڻي جو ماسٽر مائينڊ ڪير هو؟ ته سياستدانن وري درگذر جو درس ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. اهڙوئي بيان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر راجا پرويز اشرف جو پڻ سامهون آيو آهي. جنهن فيض آباد ڌرڻي ۾ ماضيءَ کي وساري اڳتي وڌڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. 'حال' ته ڪجهه به ناهي ۽ هڪ گهڙيءَ جي گذرڻ ڪانپوءِ ان کي 'ماضي' ٿيڻو آهي ۽ ماضي وسارڻ جي ڳالهه جيڪڏهن ايئن ئي ٿيندي رهي ته پوءِ هن ملڪ ۾ قاعدا قانون ۽ اصول ٽوڙيندڙن کي سڀ ڪجهه ڦبي ويندو. احتساب ۽ پڪڙ نه ٿيڻ جي ڪري هي ملڪ هن حالت تي پهتو آهي. اقتدار ڌڻين جي غلط پاليسين جي ڪري پنهنجي قيام جي 24 سالن ۾ هن ملڪ جا ٻه حصا ٿي ويا پر ان لاءِ ذميوار ڪير هو. ان جو ڪوبه احتساب نه ٿيو. ايتري قدر جو حمود الرحمان ڪميشن جي رپورٽ به لڪائي وئي ۽ اهي ئي پاڇڻ ٻڌڻ لاءِ ملندا رهيا ته ماضي وساري اڳتي وڌو. پوءِ ماضي وساري جڏهن هي ملڪ اڳتي وڌيو ته چونڊيل وزيراعظم جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ ان جو عدالتي قتل ڪيو ويو. 11 سالن تائين هن ملڪ آمريت کي ڀوڳيو. جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جا سمورا ادارا تباهه ٿي ويا. نيٺ زمين تي ته ان جو فيصلو ڪونه ٿيو پر جڏهن فضائن ۾ فيصلو ٿيو. تڏهن هي ملڪ آمريت کان آجو ٿيو. پوءِ وري چيو ويو ته جن جو به ان تباهي ۾ ڪو حصو پتي رهيو آهي ته ان کي وساري اڳتي وڌو. خير وسارڻ ۽ درگذر جو نيڪ ڪم ڪيو ويو ته پوءِ هڪ چونڊيل وزيراعظم جو تختو اونڌو ڪري ان کي اقتدار کان هٽائي قيد ڪيو ويو ۽ پوءِ ٻاهرين مداخلت تي ڪيس پڙڏيهه روانو ڪيو ويو ۽ آخر تائين ڪيس اهو سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪيس ڇو ڪڍيو ويو آهي ۽ هو چوندو رهيو ته. "مجهي ڪيون نڪالا؟" ٻي اڳوڻي عورت وزيراعظم کي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ شهيد ڪيو ويو ۽ سڄو ملڪ ڪاوڙ ۾ ٽانڊا ٿي ويو پر درگذر جي داعين ماضي وسارڻ جا پاڇڻ ڏنا ۽ پوءِ ڪاوڙ کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ بدران سوڳ ۾ بدلائي ماضيءَ کي وساريو ويو ۽ اهڙي نموني سان ذميوار قرار ڏنلن کي گارڊ آف آنر ڏيئي محفوظ رستو ڏنو ويو. 2018ع ۾ عمران خان پراجيڪٽ مڙهي ملڪ کي تباهيءَ جي تحت الثريٰ ۾ پهچايو ويو پر ان جي ذميوارن کان به ڪو پڇاڻو نه ٿيو ۽ ماضي وسارڻ جا پاڇڻ ڏنا ويا. سوال اهو آهي ته ڪيستائين ماضيءَ کي وساريو ويندو؟

ايستائين غلط فيصلن ذريعي هن ملڪ ۾ ايندڙ تباهيءَ جي رستي روڪ نه ٿي سگهندي، جيستائين ان جي ذميوارن کي احتساب جي دائري ۾ آڻي سزا تائين نتو پهچايو وڃي. هر ڀيري جيڪڏهن انهن تباهي آڻيندڙن کي فرار جو رستو ڏنو ويو ته انهن کي هر شيءِ ڦبي ويندي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته احتساب کان ڪنهن کي به استثنا حاصل نه هجڻ گهرجي. هڪ پڙڏيهي چوٽي آهي ته قانون به موت وانگر هجڻ گهرجي، جنهن کان ڪنهن کي به استثنا حاصل نه هجي.

نااهلي، ليول پليئنگ فيلڊ ۽ شفاف چونڊن جو خواب

اربازاحمد جنجهي

سپريم ڪورٽ طرفان چونڊن جي تاريخ واري اعلان سان هڪ طرف غيريقيني ۽ ابهام جو خاتمو ٿي ويو آهي ته ٻئي طرف نواز شريف ۽ تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان لاءِ به سيٽي وڄائي وئي آهي ته وقت گهٽ آهي. عمران خان جي نااهلي ختم ڪري چونڊن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ توشا خانا ڪيس مان بري ٿيڻ ضروري آهي. اهڙي ريت ميان نواز شريف کي ايوين فيلڊ ۽ العزيزيه ڪيس ۾ بريت گهرجي. ان ڪانسواءِ پاناما ڪيس ۾ به ڪيس نااهلي واري مشڪلات درپيش آهي. ان صورتحال جو مطلب اهو ٿو نڪري ته اعليٰ عدالتن جا ايندڙ فيصلا به پاڪستان جي سياسي صورتحال لاءِ اهميت جوڳا هوندا.

مسلم ليگ (ن) جو خيال آهي ته اليڪشن ايڪٽ 2017ع، جنهن ۾ پي ڊي ايم حڪومت 2023ع ۾ ترميمون ڪيون هيون ۽ نااهلي جو مدو پنجن سالن تائين محدود ڪيو ويو هو. ان جو ميان نواز شريف کي فائدو ٿيندو. البته ٻيون حريف جماعتون آسانيءَ سان اهو سڀ ڪجهه ٿيڻ ڏينديون يا ان کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويندو. تنهن جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته مسلم ليگ (ن) ٻين جماعتن ۽ اصل اقتدار ڌڻين کي ڪهڙي ريت راضي رکي ٿي. اڳوڻي صدر ۽ پيپلز پارٽي جي اڳواڻ آصف زرداري ته اهو واضح نموني چئي ڇڪو آهي ته نواز شريف کي وزير اعظم ٿيڻ نه ڏيندس. مولانا فضل الرحمان جو ٻنهي جماعتن جي وچ ۾ "قاصد" وارو ڪردار اهم آهي ته ڪيئن ڏي وٺ جي بنياد تي اهو ڪين راضي ڪري ٿو.

تحريڪ انصاف تان اڃان تائين ڪارا ڪڪر ناهن هٽيا. اهوئي سبب آهي جو جڏهن سپريم ڪورٽ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري رهي هئي ته قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر کي گرفتار ڪيو ويو. ان کان علاوه امين گنڊاپور جي لاءِ به ڇاپا هنيا پيا وڃن. جيڪي ٻئي خيبر پختونخوا ۾ هاٿوڪن ڏينهن ۾ سرگرم هئا. گذريل ڏينهن ۾ اسد قيصر جي قيادت ۾ تحريڪ انصاف جي وفد مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪئي هئي. ٻنهي جو خيال هو ته انهن جي ڇڪتاڻ سان ٽين ڌر کي فائدو پهچي سگهي ٿو. انهن جو اشارو پرويز خٽڪ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي ڏانهن هو. جنهن جو مستقبل تحريڪ انصاف جي وکرڻ سان وابسته آهي.

استحڪام پاڪستان پارٽي به هن وقت تائين ڏکڻ پنجاب ۾ ئي سرگرميون ڪري رهي آهي. جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان جون نگاهون اتي جي سيٽن تي آهن. جن تي پاڪستان پيپلز پارٽي به نظر رکيو ويٺي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيترن ئي مهينن کان اها شڪايت ڪري رهيو آهي ته ليول پليئنگ فيلڊ نه پئي ڏني وڃي. جنهن جو مطلب اهو آهي ته سيني کي هڪ جهڙا موقعا نه پيا ڏنا وڃن. ان جي ترديد ۽ نفي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪري چڪو آهي. ان جو ته اهو به چوڻ هو ته جيڪڏهن ليول پليئنگ فيلڊ جو مطلب اهو آهي ته ڪنهن جماعت کي هٿ وٺي اقتدار تائين پهچايو ته اهو ممڪن ناهي.

ليول پليئنگ فيلڊ جو معاملو ان وقت شدت سان اٿيو هو. جڏهن اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف پاڻمرادو اختيار ڪيل جلاوطني ڪانپوءِ وطن واپس آيو. ايئرپورٽ تي ان جي آجيان کان وٺي ضمانت تائين جا منظر اهڙا رهيا. جن تي مخالف جماعتن اعتراض ڪيا. البته اڳوڻي وفاقي وزير اسحاق ڊار گذريل ڏينهن وضاحت ڪئي ته ان کي ڪڏهن به ليول پليئنگ فيلڊ ناهي ڏني وئي. بلوچستان ۾ قومپرست اڳواڻ اختر مينگل کي به اها شڪايت آهي ته ڪيس ليول پليئنگ فيلڊ نه پئي ڏني وڃي. ايتري قدر جو انهن کي "وڏ" تائين محدود ڪيو پيو وڃي. هن وقت اهي هڪ پيرو وري 2008ع واري صورتحال کي منهن ڏيئي رهيا آهن. جڏهن ان تي پنهنجي سرداري بچائڻ سان گڏوگڏ سياسي ورثي کي محفوظ رکڻ لاءِ دٻاءُ هو. هو مسلم ليگ (ن)، تحريڪ انصاف ۽ پي ڊي ايم جي حڪومتن جو وفاقي سطح تي اتحادي پڻ رهيو آهي پر هر ڀيري هو مايوس ٿيو آهي. هن ڀيري به هو چئي رهيو آهي ته پي ڊي ايم ڪيس مايوس ڪيو. انوار الحق ڪاڪڙ جي نگران وزيراعظم ۽ سرفراز بگٽي جي وفاقي وزير بڻجڻ ڪانپوءِ بلوچستان عوامي پارٽي عرف "باپ" غير سرگرم نظر اچي پئي، ڇو ته نگران سيٽ اپ ۾ ايتري حد تائين حصي ملڻ ڪانپوءِ به اهو سوال پڻ اهم آهي ته ايندڙ سيٽ اپ ۾ به ان جو ڪو وڏو حصو هوندو يا وري ڪنهن جو اتحادي بڻجڻو پوندو. نگران سيٽ اپ کان اڳ انوارالحق ڪاڪڙ ۽ جام ڪمال مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ مريم نواز سان ملاقات ڪئي هئي. جنهن ڪانپوءِ اهو تاثر جڙيو هو ته شايد اهي مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿي رهيا آهن پر ايئن نه ٿيو. تازو انهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ سان ملاقات ڪئي. ان ملاقات کي هنن ذاتي نوعيت جي ملاقات قرار ڏنو. اها حقيقت پڻ آهي ته جام ڪمال جو ڏاڏو ڀٽو دور ۾ وزير اعليٰ رهيو. لسٻيلي ۾ ماضيءَ ۾ پيپلز پارٽي جو ووٽ بينڪ رهيو آهي پر ايتري عرصي ڪانپوءِ ذاتي نوعيت جي ملاقات قرار ڏيڻ به سياسي بيان آهي.

چونڊن ۾ شفافيت ڪيئن برقرار رکي ويندي؟ ڇا رياستي اداراتي عمل دخل کي روڪيو ويندو؟ هر جماعت ۽ هر ووٽر آزاداڻي نموني ووٽ ڏيئي سگهندو ۽ ان جو نتيجو به ان بيلٽ باڪس ۾ حقيقي طور تي وڌل ووٽن جي نتيجي ۾ نڪرندو. اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت لاءِ اهو هميشه چئلينج رهندو آيو آهي. 2018ع جي چونڊن ۾ آر ٽي ايس ويهي رهيو ۽ نتيجن جو اعلان دير سان ڪيو ويو. جنهن شڪ شبهن کي جنم ڏنو. نتيجي ۾ سياسي جماعتن ۾ ڪيترن سالن تائين ڇڪتاڻ جاري رهي. اهو معاملو اتي ئي دنگ نه ٿيو هو. پوءِ ڪراچي جون ضمني چونڊون هجن يا ملڪ جي ٻين علائقن جي چونڊ. اتي به آر ٽي ايس غير فعال رهيو آهي. نتيجي جو اعلان دير سان ڪيو ويو. هن وقت نادرا جو چيئرمين فوج مان آندو ويو آهي. تنهنڪري ڪنهن به قسم جو نقص ان صورتحال کي ٻئي رخ ۾ وٺي وڃي سگهي ٿو.

اليڪشن جي تاريخ جو اعلان ٿيڻ سان هڪ ٻي ڳالهه به واضح ٿي وئي آهي ته نگران حڪومت جو ڪردار محدود ٿي ويو آهي، نه ته اهو محسوس ٿي رهيو هو ته اهو سيٽ اپ ڊگهي عرصي لاءِ آندو ويو آهي. ڇو ته سنڌ هجي يا بلوچستان، ۽ وفاقي حڪومت جنهن طرفان ريت نجڪاري کان وٺي معدني وسيلن ۽ پاليسيءَ جا فيصلا اهڙي ئي نموني سان ڪيا پئي ويا. حالانڪ ماضيءَ ۾ نگران حڪومتن جو ڪردار هميشه محدود رهيو آهي. يقينن انهن کي اهو باور ڪرايو ويو هوندو ته توهان ڊگهي عرصي جي لاءِ آهيو. تڏهن ته اهي ان جوش ۽ خروش ۾ هئا. يقينن هاڻي انهن کي پنهنجي آئيني ذميواري ادا ڪرڻ گهرجي.

*****

جن کي ڏَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنَ؛
فِڪرَ فَرهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪنَ؛
پَنو سو پڙهنَ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

ڳالهيون ڳنوارن جون — ساموئيءَ وارو گورستان ۽ ستين جو ميڙو

مشتاق باگاڻي

نئين نسل کي ڏسيندا هلون ته، ساموئيءَ جو علائقو ٺٽي شهر کان چار ميل اتر طرف مڪليءَ جي ٽڪريءَ جي سيراندي ۾ آهي. هن پٽ تان ڪنهن دور ۾ درياهه وهندو هو. سنڌو درياهه وهڪرو بدلائي ٺٽي جي ڏکڻ طرف کان وهڻ لڳو. هن پٽ تي ڪٽي جيڪا ته ڪٽي ڀهرانا لٽ وجهي ويو سمن جامن مان جام بابيني اول کي هي زرخيز زمين وڻي وئي ۽ ان کي سنڌ جي گاديءَ لاءِ منتخب ڪيائين ۽ شهر ٻڌايائين. هي شهر لڳ ڀڳ ٽي صديون آباد هو. ان کان پوءِ ارغونن ۽ ترخانن اچي سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ٺٽي شهر ۾ پنهنجون حويليون تعمير ڪرايون. ساموئيءَ جو شهر زوال پذير ٿيڻ لڳو ۽ نيٺ ڦٽي تباهه ٿي ويو. موجوده دور ۾ هن علائقي ۾ جاکرن، خشڪن، مهاڻن، ٻيليچن، بکڪن، لاڪن، ناريجن، هالن ۽ ڪماڻن جا ڳوٺ آباد آهن.

هي ساموئيءَ جي پٽ تي مدفون شيخ جهنبو پاٽائي، جنهن تي هي عاليشان قبو اڏيل آهي. اهو درياهه جي هن پٽڻ جو پاٽائي هو. ٻيڙيءَ تي ماڻهن کي پتڻ پار اڪاريندو هو ڪي ڄتيون ستيون سومريون، ڪنهن جنگ ۾ قيد ٿيڻ کان بچڻ لاءِ جان بچائي لڪي نڪتيون. ڪنهن طرح هن ساموئيءَ واري پتڻ تي پهتيون. خدا جي ٻانهي ان جهنبي پاٽائي امن امان سان انهن کي پار اڪاريو لشڪري پويان اچي پهتا. ساموئيءَ جي ڌرتي انهن کي امان ڏيئي پنهنجي آغوش ۾ ورتو. ڪنهن خدا ترس انهن جون قبرون تعمير ڪرايون. ڏينهن پورا ٿي وڃڻ کان پوءِ جهنبي پاٽائي جو مدفن به اها ساموئي جي زمين ٿي. ان تي به مقبرو اڏايو ويو. مونکي اها ڄاڻ ڪانهي ته مقبرو ڪهڙي دور ۾ ۽ ڪنهن اڏايو. بهرحال اهي زيارت گاهون بڻجي ويون. سياري جي ڏينهن ۾ ستين جو ميڙو لڳندو آهي. جنهن ۾ عورتون وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿينديون آهن.

اٺون پاڻ 1983ع جي سياري ۾ ڪميان ڪم ڪري مشاهدي خاطر اهو ميڙو ڏسڻ ويو هوس. ان وقت به شام ٿي چڪي هئي. اٺون شام کان ڏاڍو ڀڄندو آهيان. ان ڏينهن سچ ساموئيءَ جي چارين پويان ڌرتيءَ ۾، انهن ڄتين ستين وانگر ٽهي هئي ته. پويان تارن جو جلوس نمودار ٿيو نندڙا مختصر رانديڪڙن جا دوڪانڙا. هيٺ تڏن، پڙڇن واريون نندڙيون هوٽلون. جتي نندڙا ڪوپ ساسريون موجود هيون. اڳتي ديوي جي ڪانين جي تيزباهه تي ٺٽي ٺي دبا ٺرجي رهيا هئا. اها ٻوڙ ماني به نندڙو هوٽل هئي. ان کان اڳيان شيدو گندري جي باري هئي. شيدو گندرو ٺٽي جي مڇي مارڪيٽ جو وڏو واپاري هو ٻڌائيندو هلان ته ٺٽي مارڪيٽ ۾ مڇيءَ جي ڏنڊي ڪرڻ وارا ڪوڙ سارا واپاري، آڙهتي، دلال ۽ واڪ ڏيندڙ هوندا هئا. منهنجي واقفيت حاجي ناٿو مهاڻو جيڪو ڪنهن دور ۾ ٺٽي ميونسپل ڪميٽي جو وائيس چيئرمين رهيو هو صوفن مهاڻوءَ شيدو گندري سان هئي. سو جڏهن ميلي ۾ شيدو جي باري ۾ پهتو هوس ته هن دل سان پلي ڪيڪار ڪئي هئي. سندس خدمت ۾ مهاڻن جا گهڙو جوانڙا هڪيا حاضر هئا. انهن جا ماٺ مڇي مارڻ ۽ وڪڻڻ وارا مهاڻا به باريءَ ۾ موجود هئا. حسب معمول هڪ ٻئي سان چرچا ڀوڳ، گارڀون ۽ ميٺ محبت وارو ماحول هو. اصل ڳالهه اها آهي ته. سنڌي سماج جو پنهنجو مزاج آهي. روڻبو به گڏ ته کلبو به گڏ. پراڻي پڻ ۾ به پيچي ضرور ٿبو ڪاڄ هجن يا ڪانڍيا. گڏجي ضرور هلبو ههڙي آپدا، جيڪا هاڻ سرتي آيل آهي، نه ڪا سمي ڪئي نه ڪا سومري. بس مِلي به ماٺ ته مُلي به ماٺ.

ڳالهه پئي ڪئيسين ته، ميڙو هجي ۽ مشڪرا نه هجن. ائين نه ٿيڻو آهي. نه ٿيندو. غم دور ڪرڻ ۽ خوشي ۽ خريد لاءِ ته ميڙا مچندا آهن. شيدو هڪدم منائي، پڪوڙن ۽ چانهه سان تواضع ڪئي. ميڙي ۾ ٻيون به هوٽلون ۽ دوڪان هئا جتي، ڪوڙ سارا واقف ڪار ٻيا به مليا. هر ڪنهن ارا نمرا چئي ڪيڪار ڪئي ۽ پنهنجي حال آهر پال پلايا.

ستين جي قبرن تي عورتن جو وڏو تعداد موجود هو ان کان علاوه چارين جي اوٽ ۾ ڌرتيءَ تي ٻهارو ڏيئي، رليون، گبرا، سوڙيون وڇائي اجرڪن جون اوٽون ڏيو ٻارڙن سميت عورتون کي وينل ته کي رڌڻ پچائڻ ۾ مصروف هيون. لاڙ ۾ اجرڪ جو استعمال ٻين سيني علائقن کان وڌيڪ آهي. مرد اجرڪ جو پٽڪو ٻڌندا آهن. عورتن کي ڇيٽ جي ڪپڙي يا ٻئي کهڙي به ڪپڙي جو لباس پهريل هجي پر اجرڪ ضرور اوڍيل هوندن.

هن ميلي ۾ ماڻهو ٻچا وٺي، ڪي ڏڳي گاڏين تي، ته ڪي ريڙهن ۽ رڪشائن تي چڙهي اچي پهچندا آهن. سالن جا سانڍيل خواب، خوشيون ۽ خواهشون، اميدون ۽ ارمان پورا ڪندا آهن. سڳيون، ڦٽيون، سلام سوپاريون، پٽ جا ڳانا، ڇلا، منڊيون، ويڙهه، ريشمي رومال هڪ ٻئي کي سوکڙيون ڏبيون آهن. ڏڌ ۽ ڏورا پاڏبا ۽ وٺبا آهن. سرپانن ۾ سور سلبا آهن. سيڻڌ تي هٿ رکي وچن ۽ واعدا پاريا آهن. دليون ڏڙڪنديون آهن. اکيون ڦڙڪنديون آهن. هٿ مان گرهه ڪرندا آهن. هڏڪيون ٿينديون آهن.

هڏڪي هير نه آهي مونکي،
جيڪر ڪنهن نه سنڀاريو هوندو،
ٿوري ڳالهه تي هيڏو هاچو
تون ته بنهه ڪو پورو آهين.
(بردو سنڌي)

مسڪين لوڪن جي، ننڍڙين خوشين واري، سال ۾ هڪڙو پيرو ايندڙ، اها هڪڙي رات، ڪن پل ۾ گذري ويندي آهي. ڏينهن ٿيڻ تي واپسي جو مايوس سفر ڪري گهر پهچندا آهن. جتي ڏکن، ڏوجهرن، غربت ۽ مسڪيني حال واريون بلائون، وات ڦاڙيو اڳئي انهن جي انتظار ۾ هونديون آهن.

هي ساموئيءَ جو گورستان آهي. انساني قدمن هينان چيپاڻجندڙ هي هزارين گمنام قبرون ڪنهن جون آهن؟ اهي ڪير هئا؟ ڪيڙن ماڪوڙن وانگر پيدا ٿيا. ڏکن ڏوجهرن ۾ گذاري فنا ٿي وڃي ڌرتي داخل ٿيا. انهن مان ڪن جون قبرون ظاهر آهن ته ڪن جا نشان ئي مٽجي ميسارجي ويا. ڪي جنگين جنگاڻن ۾ وڙهندي مئا ته ڪي بي گناهه گهوڙن جي سنبن سان لتاڙجي مري کپي ويا. ايشيا جي تاريخ کي رڳو دارا، سڪندر، چنگيز، هلاڪو، بابر، شاهه بيگ وغيره جا نالا ياد آهن. انهن سان گڏ ايندڙ مارجندڙ ۽ مارجندڙ مخلوق ڪنهن کي به ياد ڪانهي. نه ئي انهن جو نالو نشان رهيو آهي. اهي خاموش قبرون اهو ڪونه ٻڌائينديون ته انهن ۾ اندر ستل انسان ڪهڙي ڏوهه گناهه ۾ ماريا ويا. هي جهرڪ، جنگشاهي، علي بحر، سونڊا، شيخ ترابي ۽ مڪليءَ وارا شاهي قبرستان، وڃي ڪو قبرون ڳڻي ته ڏيکاري. قيامت ايندي ۽ ضرور ايندي. ليکو چوکو به ٿيندو. ظالمن کي سزائون به ملنديون.

تاريخ جي دل ڏاريندڙ واقعن تان ڏيان هٽائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان. هي ڪهڙو سماج آهي. ڪيڏي نه بي وسي آهي. اسين جيئرا جاڳندا انسان پنهنجا ڏک سور ڪٿي مڻلن وٽ ميڙ وٺي ٿا وڃون. شايد هو ٻڌندا به هجن!

01 — بقايا

تي فخر آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب نگران وزيراعظم شهيد ٿيندڙ ليفٽيننٽ ڪرنل محمد حسن حيدر، نائيڪ خوش دل خان، نائيڪ رفيق خان ۽ لانس نائيڪ عبدالقدير جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. نگران وزيراعظم شهيدن جي گهراڻين سان همدرديءَ جو اظهار ۽ انهن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي. هن چيو ته پاڪ فوج جي جوانن تيراهه ۾ وطن جي حفاظت جي لاءِ شهادت ماڻي، مون سميت پوري قوم کي پنهنجي شهيدن تي فخر آهي. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪستان مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين. ملڪ جي امن جي دشمنن جي ناپاڪ ارادن کي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين.

02 — بقايا

مبارڪ ڏني. ٽيليفونڪ رابطي ۾ سياسي صورتحال، عام چونڊن سميت ٻين معاملن تي ته خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي اڳواڻن ٽيليفونڪ رابطي دوران اتفاق ڪيو ته رياست کي بچائڻ لاءِ سڀ گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين. جڏهن ته معاشي ڏکيائي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ۽ اهم فيصلا ڪرڻ به اتفاق ڪيو ويو. نواز شريف ۽ آصف زرداري هڪ ٻئي کي ملاقات جي دعوت ڏني. جنهن تحت ٻنهي اڳواڻن ۾ جلد ملاقات جو امڪان آهي.

03 — بقايا

بلاول چيو ته پيپلز پارٽي سڌائين چونڊن لاءِ تيار هئي. ڪو پيو چونڊن کان ڀڄي رهيو هو. اليڪٽورل ڪاليج پورو ٿيڻ تائين صدر عارف علوي عهدي تي رهي سگهي ٿو. هن چيو ته صدر خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪندڙ نواز ليگ کان سوال آهي ته اسان 16 مهينن دوران صدر خلاف قانوني قدم ڇو نه کنيا؟ بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته 8 فيبروري تي تير جي نشان وارو اميدوار ئي کٽي ويندو. مخالف پلي گڏجي وڃن. تڏهن به پيپلز پارٽي کي هارائي نٿا سگهن هن چيو ته اسان جو سمورين سياسي پارٽين سان رابطو رهندو. پر پيپلز پارٽي پنهنجي همت ۽ منشور تي اليڪشن وڙهندي. 9 مئي جي سازش ۽ حملن ۾ ملوث ماڻهن کي عوام توڙي سياسي پارٽيون معاف نه ڪنديون. پر جيڪي ماڻهو سازش ۾ ملوث نه هئا، انهن لاءِ معافي جي گنجائش هجڻ گهرجي.

04 — بقايا

صورتحال ۽ پارٽي جي سياسي سرگرمين تي خيالن ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي نواز شريف اڳواڻن کي چونڊن جي تياري جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته ترقي جو سفر جتي بيلو هو. اتان ئي شروع ڪنداسين ۽ پاڪستان کي ايشين ٽائيگر بڻائينداسين. بعد ۾ نواز ليگ جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي ته نوازشريف 8 فيبروري تي چونڊن ۾ حصو وٺي چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو. ماڊل ٽائون لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي ليگي ترجمان مريم اورنگزيب چيو ته نوازشريف اڄ (ن) ليگ جي سيڪريٽريٽ ۾ 4 سالن کان پوءِ تشريف کڻي آيو ۽ پارٽي جي سينئر اڳواڻن سان ملاقات ڪئي. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته 21 آڪٽوبر تي سموري پاڪستان نوازشريف جو استقبال ڪيو ان ڏينهن روڊن تي جڳهه ختم ٿي وئي هئي. مخالفن به ان ڳالهه کي مڃيو ته تاريخ جو سڀني کان وڏو اجتماع آهي. مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ نواز شريف هر ڀيري پاڪستان جي عوام جي خدمت ڪئي. هن وقت به عوام نوازشريف ۽ مسلم ليگ(ن) سان اميدون لڳائي ويٺو آهي. (ن) ليگ ترجمان چيو ته اسان نوازشريف جي اڳواڻي ۾ چونڊن لاءِ تيار آهيون. اسان پاڪستان مان مهانگائي ختم ڪرڻ، هارين کي سستو ڀاڻ ۽ بجلي ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيون. مسلم ليگ(ن) واحد پارٽي آهي جيڪا چونڊن لاءِ تيار آهي جنهن پنهنجو اليڪشن سيل بنائي ڇڏيو آهي. هن چيو ته (ن) ليگ جي منشور ڪميٽي پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ سمورن صوبن جا پارلياماني بورڊ جوڙيا ويا آهن. نوازشريف 8 فيبروري تي چونڊن ۾ حصو وٺندو. پاڪستان جي عوام موقعو ڏني. آر ٽي ايس نه ويهي. عوام فيصلو ڪري ته ڪنهن کي وزيراعظم بنائڻو آهي اسان کي يقين آهي ته عوام جي چونڊ نوازشريف ئي هوندو. مريم اورنگزيب چيو ته شرجيل ميمڻ منهنجو ڀاءُ، چئي رهيو هو ته پيپلز پارٽي چونڊن ۾ ڪلين سوئيپ ڪندي. سمورين

پارٽين کي مشورو آهي ته ليول پليئنگ فيلڊ جو روئڻ نه روئين. فيلڊ ۾ چونڊن جي تياري ڪريو. پاڪستان جي عوام 21 آڪٽوبر تي سموري ملڪ ڏني. سياسي طاقتن کي اها ڳالهه خبر پئجي چڪي آهي ته عوام نوازشريف جي حق ۾ فيلڊ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. نوازشريف جي دور ۾ عوام کي 5 روپين جي ماني ملندي هئي. اسان عوام کي وڏ کان وڏ رليف ڏنو هو ۽ هڪ دفعو ٻيهر به ڏينداسين.

